# قرآن جي تاثير

15-March-2024

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان
(for Islamic Brothers)

15 مارچ 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قرآن جي تاثير

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿...قرآنِ پاڪ جي ٻين ڪتابن تي فضيلت

✿... سڄي عُمر جي لاءِ نصيحت

✿... شرابي نوجوان گهڙي ڳن ۾ سڌري ويو

✿... تَعويذ ۽ تَمائِم ۾ فرق

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

هڪ بزرگ گذريا آهن: شيخ ابو حَفۡص ڪاغذي رحمۃ اللہ علیہ. جڏهن سندن انتقال ٿيو ته ڪجھ ڏينهن کان بعد پنهنجي ڪنهن دوست جي خواب ۾ تشريف وٺي آيا، دوست پڇيو: ڪهڙو حال احوال آهي؟ قبر ۾ ڇا گذري؟ فرمايائون: مون تي وڏو ڪرم ٿيو، واقعو هيئن پيش آيو جو جڏهن قبر ۾ دفن ڪيو ويو ته مُنڪر نَڪِير (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارا ملائڪ) پهچي ويا، انهن مون کي اٺاري ويهاريو ۽ سوال پڇڻ لڳا، اوتري ۾ الله پاڪ جو فرمان آيو: اي ملائڪو! ترسو...!! ملائڪ رڪجي ويا. هاڻي حڪم ٿيو: هن ٻانهي جا گناه ڳڻيو! ملائڪن منهنجا گناه شُمار ڪيا، هاڻي ته مان ڊڄي ويُس ته ايترن گناهن هوندي مان ڪيئن بخشيون ويندُس. هوڏانهن ملائڪن کي حڪم ٿيو: هن ٻانهي دنيا ۾ اسان جي محبوب صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم تي جيڪي دُرود شريف پڙهيا آهن، هاڻي انهن کي ڳڻيو! ملائڪن منهنجا پڙهيل دُرودِ پاڪ ڳڻڻ شروع ڪيا. خوش قِسمتي سان منهنجا پڙهيل دُرودِ پاڪ گناهن کان گهڻا هئا. سو الله پاڪ فرمايو: بَس اي ملائڪو ڪافي آهي. هن جو وڌيڪ حساب نه ڪيو! هن کي منهنجي جنّت ۾ وٺي وڃو...![1]

قُربِ خُدا ہو حاصِل جنّت میں ہو وہ داخِل
جس نے لکھا پڑھا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد

1... القولُ البَدِيۡع،صفحہ:124۔

جانے بھی دے اِرم کو رِضوان نہ روک ہم کو
سینے پہ لکھ لیا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد
جنّت مقام ہوگا دوزخ حرام ہوگا
گر دل پہ لکھ لیا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّات "يعني عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هر ڪم کان پهريان سنيون سنيون نيّتون ڪرڻ جي عادت ٺاهيو ڇو تہ چڱي نيت انسان کي جنّت ۾ پهچائيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهہ سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثلاً نيت ڪريو: ❁ عِلمِ دين سکڻ جي لاءِ پورو بيان ٻڌندس ❁ ادب سان ويهندس ❁ پنهنجي اصلاح جي لاءِ پورو بيان ٻڌندس ❁ جيڪو ٻڌندس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآنِ ڪريم جي تاثير

حضرت جُبَيَر بن مُطْعِم رضی اللہ عنہ صحابيءِ رسول آهن. پاڻ رضی اللہ عنہ فتح مڪ کان پهريان اسلام قبول ڪيو. مديني پاڪ ۾ رهندا هئا، مديني ۾ ئي وصال ٿيو.[2]

پاڻ رضی اللہ عنہ پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا:

---

1...بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی،باب کیف کان بدء الوحی الی رسول اللہ، صفحہ:65، حدیث:1۔
2 ... مرآۃ المناجیح،ترجمہ اکمال، حالات صحابہ، 13/8۔

غزوهٔ بدر ۾ جيڪي غير مُسلم قيد ٿي ويا هئا. مان (مڪي وارن جي طرف کان) انهن قيدين جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي لاءِ مديني پاڪ آيس. مغرب جي وقت اتي پهتس، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مغرب جي نماز پڙهائي رهيا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو آواز مبارڪ مسجد کان ٻاهر به ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو، سندن سورتِ والطّور جي تلاوت فرمائي، مان به قرآنِ پاڪ جي تلاوت ٻڌڻ لڳس (زبان محبوبِ خُدا جي هئي، ڪلام ربِّ رحمٰن جو هو، بس پوءِ ڇا ٿيو: اهڙو پيارو آواز، اهڙو پُر تاثير ڪلام منهنجي دل ۾ لهڻ شروع ٿيو). ان دوران پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي آيتون پڙهيون:

اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ﴿۷﴾ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ﴿۸﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ تنهنجي ربَّ جو عذاب ضرور واقع ٿيڻ وارو آهي ان کي ڪو ٽارڻ وارو ناهي. (سيپارو: 27، الطّور: 7، 8)

هنن آيتن کي ٻڌي ڪري منهنجي دل ائين ٿي وئي جيئن ڦاٽي ڦاٽي پوندي. مونکي ائين لڳي رهيو هو ته مان هتان کان قدم به نه کڻي سگهندُس، ان کان پهريان ئي مون تي عذاب نازل ٿي ويندو. سو مون اللہ پاڪ جي عذاب کان ڊڄي ڪري انهيءَ وقت ايمان قبول ڪري ورتو.[1]

آں کِتَابِ زِنْدہ قرآنِ حَکِیم | حِکْمَتِ اُو لَایَزَال اَسْت وَ قَدِیم

**مفهوم:** هي قرآنِ پاڪ زنده هميشه رهڻ وارو ڪتاب آهي، هن ۾ بيان ڪيل تعليمات، قيامت تائين جي تمام مسئلن جي حل جي لاءِ ڪافي به آهن ۽ بهتر به آهن.

## قرآنِ ڪريم جون چند خاصيتون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** قرآن اللّٰه پاڪ جو ڪلام آهي هن ۾ عجيب تاثير آهي ❁ هي پياريو ڪلام دلين کي نرم ڪندو آهي ❁ ڀٽڪيلن کي هدايت جي واٽ

1...صراط الجنان، پاره:27، سورۂ طور، زيرِ آيت:8،جلد:9، صفحہ:518، 519۔

ڏيندو آهي ۞ قرآنِ ڪريم ۾ اڳين پنين جون خبرون آهن ۞ قرآنِ ڪريم ۾ توهان جي هڪٻئي جا فيصلا آهن ۞ هي الله پاڪ جي مضبوط رسي آهي ۞ هي حڪمت وارو ڪلام آهي ۞ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو ظالم قرآنِ ڪريم کي ڇڏي ڏيندو، الله پاڪ ان کي تباهه ڪري ڇڏيندو ۞ ۽ جيڪو قرآنِ ڪريم کان علاوه ڪٿي ٻئي پاسي کان هدايت ڳوليندو، الله پاڪ ان کي گمراهه ڪري ڇڏيندو ۞ قرآنِ ڪريم حڪمت وارو ذڪر آهي ۞ قرآنِ ڪريم سڌو رستو آهي ۞ قرآنِ ڪريم جي برڪت سان خواهشون متجنديون آهن ۞ قرآنِ ڪريم جا عجائبات ختم ناهن ٿيندا ۞ جيڪو قرآنِ ڪريم جي مطابق ڳالهه ڪري، اهو سچو آهي ۞ جنهن قرآنِ ڪريم تي عمل ڪيو، اهو ثواب ماڻيندو ۞ جيڪو قرآنِ ڪريم جي مطابق فيصلو ڪري، اهو انصاف ڪرڻ وارو هوندو ۞ ۽ جيڪو قرآنِ ڪريم جي طرف سڏي، ضرور اهو سڌي واٽ جي طرف سڏڻ وارو هوندو.[1]

## قرآنِ ڪريم جي ٻين ڪتابن تي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جهڙيءَ طرح الله پاڪ پنهنجي تمام مخلوق کان افضل آهي، ائين ئي الله پاڪ جو ڪلام ٻه باقي تمام ڪلامن کان افضل ۽ اعليٰ آهي.[2]

هر روز میں قرآن پڑھوں کاش! خدایا | اللہ! تلاوت میں مِرے دل کو لگا دے

## قرآنِ ڪريم ۽ ٻين ڪتابن ۾ فرق

هڪ غير مُسلم هو: نَضَر بن حارِث. مڪي شريف جو رهاڪو هو. هڪ ڀيري اهو تجارت جي لاءِ مُلڪِ شام وغيره ويو ته اتان ڪان ڪهاڻين جا ڪتابَ وٺي آيو. مڪي پاڪ ۾ اچي ڪري اهو ماڻهن کي قصا ڪهاڻيون ٻڌائڻ لڳو ۽ اهو بدبخت

1...ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ماجاء فی فضل القرآن، صفحہ:675، حدیث:2906۔
2...ترمذی، کتاب فضائل القرآن، صفحہ:679، حدیث:2926۔

چوندو رهندو هو: محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم) بہ توهان کي (قومِ) عَاد ۽ (قومِ) ثمود جا واقعا ٻڌائيندا آهن تہ مان توهان کي رُستم، اِسفِنديار (ايران جي بادشاهن) وغيره جا قصا ٻڌايان ٿو.

يعني ان بدبخت انهن ڪوڙن سچن قصن کي قرآنِ ڪريم جي برابر سمجهو. ان جي مذمت ۾ سيپاري: 21، سورة لُقمان جون آيتون نازل ٿيون.

هاڻي هتي ڏسو! ڪوڙن قصن ڪهاڻين جا ڪتابَ، آکاڻيون، ڊائجسٽ وغيره اسان وٽ بہ پڙهيا ويندا آهن، ماڻهو تمام گهڻو شوق سان اهڙا ڪتابَ پڙهندا آهن، سورة لُقمان جي ابتدائي آيتن ۾ نَضَر بن حارث جي انهن قصن جي ڪتابَن ۽ قرآنِ پاڪ ۾ فرق کي واضح ڪيو ويو. نَضَر بن حارث جي مذمت ۾ الله پاڪ فرمايو:

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ڪجھ ماڻهو راند جون ڳالهيون خريد ڪن ٿا تہ جيئن بغير سمجهڻ جي الله جي واٽ کان ڀٽڪائن ۽ انهن کي مذاق مسخري بڻائن.
(سيپارو: 21، لقمان: 6)

يعني نَضَر بن حارث جيڪي قصن جا ڪتاب ڪٺي ڦرندو آهي، ان ۾ ڪيئي خرابيون آهن. (1): پهرين خرابي تہ هي آهي جو هي لَهْوَ الحديث (يعني بنا مقصد جون ڪهاڻيون ۽ راند روند جون ڳالهيون) آهن (2): ٻئين خرابي هي آهي جو انهن کي پڙهڻ وارا الله پاڪ جي رستي، نيڪي جي رستي کان پري ٿي ويندا آهن.

هاڻي ان جي مقابلي ۾ قرآنِ ڪريم جو ڪهڙو شان آهي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

الٓمّٓ ۚ﴿۱﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ۙ﴿۲﴾ هُدًى وَّ رَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِيْنَ ۙ﴿۳﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: الٓمّٓ.هي حڪمت واري ڪتاب جون آيتون آهن. نيڪن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهن. (سيپارو: 21، لقمان: 1،2،3)

هي قرآنِ ڪريم جا ٽي شان آهن:

## (1): قرآنِ ڪريم حڪمت جو ڪتاب آهي.

پهريون شان اهو بيان ٿيو ته قرآنِ ڪريم حڪمت جو ڪتاب آهي ❁ ناوِل ❁ ڊائجسٽ ❁ ڪوڙيون ڪهاڻيون ۽ فضول قصا پڙهڻ سان ماڻهو نفسياتي مريض بڻجي ويندو آهي، پر قرآنِ پاڪ جو هي شان آهي جو ❁ ان کي پڙهڻ سان ❁ ان جي تلاوت ڪرڻ سان حڪمت ۽ دانائي نصيب ٿيندي آهي.

## سڄي عمر جي لاءِ زبردست نصيحت

حضرت زيد بن اَسلَم رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، هڪ پيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ صحابي رضی اللہ عنہ کي فرمايو: ان (نئين اچڻ واري شخص) کي قرآنِ ڪريم سيکاريو...! ان صحابيءَ رضی اللہ عنہ هن شخص کي سورةِ زِلزَال سيکارڻ شروع ڪئي، جڏهن صحابي رضی اللہ عنہ سورةِ زِلزَال جي ستين آيت سيکاري ته ان شخص چيو: بس! مون کي ڪافي آهي. ان صحابي رضی اللہ عنہ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هن اجان ست آيتون ئي سکيون آهن ۽ چئي ٿو: مون کي ڪافي آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هن کي ڇڏي ڏيو! هن کي فَقاهَت (يعني دين جي سمجهه) ملي وئي آهي.[1]

سبحٰن الله! هي آهي قرآن جو شان...!! رڳو ست آيتون ئي پڙهيون، انهي سان فَقاهَت (يعني دين جي سمجهه) نصيب ٿي وئي.

## (2-3) قرآن رحمت وارو ڪتاب ۽ هدايت وارو ڪتاب آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سورةِ لُقمان جي آيتن ۾ قرآنِ ڪريم جي ٻئين خصوصيت هيءَ بيان ٿي ته قرآنِ ڪريم رحمت جو ڪتاب آهي. ناول ڊائجسٽ وغيره پرهڻ

---

1...تفسير دُرِّ منثور، پاره:30، سورة زلزال، جلد:8، صفحه:596۔

سان نيڪيون ناهن ملنديون، انسان تي رحمت ناهي وسندي پر قرآنِ ڪريم اهو عظيم ڪتاب آهي، جنهن جي هڪ هڪ اکرَ تي 10، 10 نيڪيون ملنديون آهن، جڏهن ٻانهو قرآن پڙهندو آهي تہ الله پاڪ جون رحمتون ڇماڇم ان تي وسنديون آهن. ۽ هن پاڪيزه ڪلام جي ٽئين خصوصيت هي بيان ٿي تہ قرآنِ پاڪ هدايت جو ڪتاب آهي. هي تجربي جي ڳالهہ آهي، جيڪو ٻانهو ناول ڊائجسٽ ۽ ڪوڙيون ڪهاڻيون پڙهڻ جو عادي هجي، اهو نفسياتي مريض ٿي ويندو آهي ❁ اهو خيالي دنيا ۾ رهڻ لڳندو آهي ❁ معاشري ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ناهي ڪري سگهندو ❁ ان جي طبيعت ۾ تنگ مزاجي اچي ويندي آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ اهو ٻانهو جيڪو قرآنِ ڪريم جي تلاوت جو عادي هجي، جيتوڻيڪ بنا سمجهڻ جي ئي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندو هجي ❁ ان جي دل نرم ٿي ويندي آهي ❁ دل ۾ نيڪي جا جذبا پيدا ٿي ويندا آهن ان جي اخلاق ۽ ڪردار ۾ مثبت تبديلي اچي ويندي آهي ❁ ان کي ظاهر ۽ باطن جي پاڪيزگي نصيب ٿي ويندي آهي ۽ اهو معاشري جو هڪ بهترين فرد بڻجي ڪري ابرندو آهي. ۽ جيڪڏهن قرآنِ ڪريم کي سمجهي ڪري پڙهي، پوءِ تہ واهہ...!! سُبحان الله...!! اهڙي خوش نصيب جو تہ شان ئي نرالو آهي.

## گناهگار کي توبہ جي توفيق ملي وئي

حضرت ابو هَاشم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان بصره وڃڻ جي لاءِ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيس. ان ٻيڙيءَ ۾ هڪ مرد هو ۽ ان سان گڏ سندس ڪنيز (ٻانهي) هئي. جڏهن اسان ڪجهہ اڳتي هلياسين تہ ان مرد ٻانهي کي چيو: شراب ڪڍي اچ! اها شراب ڪڍي آئي، مرد پيئڻ لڳو ۽ ٻانهي ڳانو ڳائڻ لڳي. پوءِ ان شخص منهنجي طرف ڏٺو ۽ چيائين: ڇا توهان وٽ هن (ڳاني) جهڙو ڪجهہ آهي؟ مون چيو: ها! مون وٽ اهو آهي جيڪو هن کان ڪيئي ڀيرا بهتر ۽ ڀلو آهي. ان چيو: ٻڌايو! مون هي آيتون تلاوت ڪيون:

إِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ۝١ وَإِذَا النُّجُومُ انْكَدَرَتْ ۝٢ وَإِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ ۝٣

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جڏهن سج کي ويڙهيو ويندو. ۽ جڏهن تارا ڪري پوندا. ۽ جڏهن جبل هَلايا ويندا. (سيپارو: 30، التڪوير: 1 کان 3)

هنن آيتن کي ٻڌي ڪري اهو شخص روئڻ لڳو، جڏهن مان الله پاڪ جي هن فرمان تي پهتس:

وَإِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ۝١٠

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جڏهن نامۂ اعمال کوليا ويندا. (سيپارو: 30، التڪوير: 10)

تہ اهو چوڻ لڳو: اي ٻانهي! مان توکي الله پاڪ جي رضا جي لاءِ آزاد ڪريان ٿو، هن شراب کي هاري ڇڏ! پوءِ ان مون کي ويجهو سڏيو ۽ چوڻ لڳو: منهنجا ٻاءُ! تون ڇا ٿو چئين؟ ڇا الله پاڪ منهنجي توبهه قبول فرمائيندو؟ مون جواب ۾ هيءَ آيت پڙهي:

إِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ۝٢٢٢

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله گهڻي توبهه ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي ۽ خوب صاف سٿرو رهڻ وارن کي پسند فرمائيندو آهي. (سيپارو: 2، البقرة: 222)

(هي ٻڌي ڪري ان توبهه ڪري ورتي).[1]

محبت میں اپنی گُما یا الٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یا الٰہی!
رہوں مَست و بے خُود میں تیری وِلا میں | پِلا جام ایسا پِلا یا الٰہی!

1... درة الناصحين،المجلس الخامس والخمسون فى فضيلة التو بة، صفحه:206۔

| | |
|---|---|
| بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی! |
| عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی![1] |

سُبحٰن الله! هي آهي قرآنِ ڪريم جي تاثير...!! هي پاڪيزه ڪتاب هدايت جو ڪتاب آهي، جيڪو خوش نصيب هن کي پڙهي، هن کي سچي دل سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري، ان جي لاءِ هدايت جا دروازا کُلي ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآنِ پاڪ جون تاثيرون

مطلب ته هي الله پاڪ جو ڪلام آهي، هن جي صرف هڪ تاثير ناهي، ڪيئي طرح جون تاثيرون آهن، قرآنِ ڪريم جا ڪيئي نالا آهن ۽ هي نالا به ان جي مختلف تاثيرن جي لحاظ سان آهن. مثال طور قرآنِ ڪريم جو هڪ نالو حِڪمت آهي، يعني هي اهو ڪتاب آهي جنهن کي پڙهڻ سان حڪمت ۽ دانائي ملندي آهي. قرآنِ ڪريم جو هڪ نالو صراطِ مُستقيم آهي، يعني هي اهو ڪتاب آهي جيڪو ڀٽڪيلن کي سڌي واٽ جو مسافر بڻائي ڇڏيندو آهي. قرآنِ پاڪ جو هڪ نالو نُور آهي، يعني هي اهو عظيم ڪتاب آهي جيڪو نور ورهائيندو ۽ دلين کي روشن ڪري ڇڏيندو آهي.

## گهر چراغ جيان روشن هوندو هو

هڪ صحابيءِ رسول آهن: حضرت ثابت بن قيس رضی اللہ عنہ. رات جي وقت انهن جو گهر ائين چمڪندو هو جيئن ڏيئو روشن هجي (ظاهر آهي ان دور ۾ لائٽ ۽ بجلي جو انتظام ته نه هو، رات جي وقت اونداهي هوندي هئي پر حضرت ثابت بن قيس رضی اللہ عنہ جو گهر مبارڪ رات جو چمڪندو رهندو هو) ماڻهن آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ان

1...وسائلِ بخشش، صفحه:105 ملتقطاً.

ڳالھ جو تذڪرو ڪيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ثابت بن قيس ضرور رات جو سورةِ بقره جي تلاوت ڪندا ھوندا. حضرت ثابت بن قيس رضی اللہ عنہ کان ھن جي باري ۾ پڇيو ويو تہ انھن ٻڌايو: ھا! واقعي مان رات جو سورةِ بقره جي تلاوت ڪندو آھيان.[1]

چھوڑو یہ ظلمتوں کے شِکوے کرو نہ ہر دَم | ہے روشنی کی خواہش، قرآن پڑھ کے دیکھو

سبحٰن الله! خبر پئي! قرآنِ ڪريم نور آھي. ان کي پڙھڻ سان، ان جي تلاوت ڪرڻ سان دليون بہ روشن ٿينديون آھن ۽ الله پاڪ چاھي تہ ظاھر ۾ بہ نور نصيب ٿي ويندو آھي.

## قرآنِ ڪريم قلبي بيماريون دور ڪندو آھي

الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ۙ

ترجمو ڪنزالعرفان: اي انسانو! توھان وٽ توھان جي ربَّ جي طرف کان نصيحت ۽ دلين جي شفا اچي وئي.(سيپارو: 11، يُونس: 57)

مشھور مُفسرِ قرآنِ، حڪيمُ الامّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ ھن آيت جي تحت فرمائن ٿا: قرآنِ ڪريم ربَّ جي طرف کان ٻانھن جي روحاني پرورش جو ذريعو آھي، دل جون تمام بيماريون جھڙوڪ ❁ شرڪ ❁ شڪ ❁ جھالت ❁ نفاق ❁ ۽ بُرا عقيده ❁ بُرا اخلاق ❁ حسد ❁ ڪينو ❁ ھوس ❁ دنيا جي لالچ ❁ عداوت وغيره. قرآنِ ڪريم انھن سيني جي اصلاح ڪرڻ وارو آھي.[2]

میرے ربّ کا کَلام ہے قُرآں | واہ کیا بات پیارے قُرآں کی
ہر مسلماں کا اُس پہ ہے اِیماں | واہ کیا بات پیارے قُرآں کی

1...فضائل القرآن للمستغفری، ، صفحہ:200، حدیث:708۔
2...تفسير نعیمی،پارہ:11، سورۂ یونس، زیرِ آیت:57، جلد: 11، صفحہ:367، 368 ملخصاً۔

مصطفےٰ پر ہوا ہے یہ نازِل | اس میں ہر شے کا ہے بیاں شامل
سب سے افضل کتاب ہے قُرآں | واہ کیا بات پیارے قُرآں کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شرابي نوجوان گهڙي کن ۾ سڌري ويو

علامہ ابن جَوزي رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہِ لکن ٿا: هڪ عبادت گذار، نيڪ بُزرگ هو، اهو 40 سالن تائين(برِاعظم آفريڪا جي هڪ ملڪ) سوڊان جي هڪ غار ۾ رهي ڪري عبادت ڪندو رهيو. اهو فرمائي ٿو: هڪ ڀيرو مان غار جي اندر عبادت ۾ مصروف هيس، ايتري ۾ هڪ شخص آيو، ان وٽ ڪاٺو ۽ شراب هو، (شايد ان مون کي نہ ڏٺو) ۽ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ماني کائڻ لڳو، کائڻ کان بعد جڏهن ان شراب جو ٿانءُ کنيو تہ مون وڏي آواز سان قرآن ڪريم جي هي آيت تلاوت ڪئي.

اَلَمْ یَاْنِ لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا ايمان وارن جي لاءِ اهو وقت نہ آيو تہ انهن جون دليون اللہ جي ياد لاءِ جهڪي وڃن. (پارہ27،سورۃالحدید:16)

ان نوجوان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو، ڪو نظر نہ آيو، جيئن تہ اُن بڏي اڻ بڏي ڪري ڇڏي ۽ شراب پيئڻ ۾ لڳي ويو، جيئن ان ٿانءُ کنيو تہ مون وري اها ئي آيت تلاوت ڪئي.

اَلَمْ یَاْنِ لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا ايمان وارن جي لاءِ اهو وقت نہ آيو تہ انهن جون دليون اللہ جي ياد لاءِ جهڪي وڃن. (پارہ27،سورۃالحدید:16)

هن ڀيري تہ قرآن ڪريم جا هي الفاظ ان جي دل تي تاثير جو تير بڻجي لڳا، ان

جي هٿ مان شراب ڪري پيو، ان پڪاري چيو: بَلٰى وَاللّٰهِ قَدْ آن چونہ، خدا جي قسم! اهو وقت اچي ويو آهي (تہ منهنجي دل ربّ جي ياد ۾ جهڪي وڃي). هي چئي ڪري اهو غار مان ٻاهر نڪتو، مان بہ ان جي پويان پويان آيس، ڏٺم تہ هُو روئندو پئي ويو ۽ وڏي آواز سان چئي رهيو هو: بَلٰى وَاللّٰهِ قَدْ آنچونہ، خدا جي قسم! اهو(يعني توبہ جو) وقت اچي ويو آهي. بُزرگ فرمائي ٿو: مان بہ ان جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳس. ٿورو اڳتي هليا تہ هڪ وڏو تالاب (تلاءُ) هو، خوف خدا جي غلبي ۾ ان نوجوان جيئن ئي تلاءُ ۾ قدم رکيو(پر خدا جي قدرت جو) اهو پاڻي جي مٿان هلندي، آرام سان گذري ويو.[1]

| | |
|---|---|
| بوقتِ نزع سلامت رہے مرا ایماں | مجھے نصیب ہو توبہ ہے التجا یاربّ |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** قرآنِ ڪريم جي هيءَ ڪهڙي تہ ڪمال تاثير آهي. اهو نوجوان گناهگار هو، شرابي هو پر ان تي الله پاڪ جو ڪرم ٿيو، ان جيئن ئي قرآنِ پاڪ جي آيت ٻڌي دل جي دنيا بدلجي وئي، نہ رڳو هي جو ان کي توبھ جي توفيق ملي، الله پاڪ جو ڪرم ڏسو! اهو پاڻي جي مٿان هلي ڪري گذري ويو ۽ ان کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو.

| | |
|---|---|
| تُو گُناہوں کو کر مُعاف اللہ! | میری مقبول مَعذِرت فرما |
| مصطفٰے کا وَسیلہ توبہ پر | تُو عنایت مُداوَمَت فرما[2] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 روح الارواح، الفصل الثانی عشر، صفحہ:79بتغير قليل۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:75۔

## قرآنِ ڪريم شفا آهي

اي عاشقانِ رسول! قرآنِ ڪريم جهڙيءَ طرح روحاني بيمارين جي لاءِ شفا آهي، ائين ئي ظاهري بيمارين جي لاءِ بہ بهترين علاج آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِیْنَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان قرآن ۾ اها شيءِ نازل ڪيون ٿا جيڪا ايمان وارن جي لاءِ شفا ۽ رحمت آهي (سيپارو: 15، بني اسرائيل: 82)

حضرت عبدُ الله بن عبّاس رضی اللہ عنہما فرمايو: قرآنِ حڪيم هر مرض کان نجات ڏيڻ وارو آهي.[1]

## بهترين دَوا قرآنِ ڪريم

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جن فرمايو: خَيْرُ الدَّوَاءِ الْقُرْاٰنُ يعني بهترين دَوا قرآنِ ڪريم آهي.[2]

## پيارا آقا ﷺ دَم ڪندا هئا

الحمد لله! پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جي بہ معمولات مان آهي ۽ صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم، وڏن وڏن ولين سڳورن رحمۃ اللہ علیہم ۽ تقريباً ساڍن 14 صدين کان اُمّت جي مُجربات (تجربو ڪيل ڪمن) مان آهي تہ قرآني آيتون پڙهي ڪري دَم ڪيون وڃن تہ الله پاڪ شفا عطا فرمائيندو آهي. مسلمانن جي ماءُ حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون: پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جي اهلِ خانہ مان جڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو تہ پاڻ صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم مُعَوِّذَات (يعني سورةُ الفلق ۽ سورةُ الناس) پڙهي ڪري ان تي دَم ڪندا هئا.[3]

---

1...الحديقة النديہ، الباب الاول...الخ،الفصل الاول...الخ، النوع الاول...الخ، جلد:1، صفحہ:156۔

2...ابن ماجہ، ڪتاب الطب، باب الاستشفاء بالقرآن،صفحہ:567، حديث :3501۔

3... مسلم،ڪتاب السلام،باب رقية المريض ...الخ،صفحہ:866،حديث:2192۔

## صحابيءِ رسول دَم ڪيو

هڪ ڀيري هڪ صحابي رضی اللہ عنہ وچون جي ڏنگڻ تي سورةِ فاتحہ پڙهي ڪري دَم ڪيو، الله پاڪ ان کي شفا عطا فرمائي.[1] هڪ صحابي رضی اللہ عنہ جي قبيلي ۾ هڪ چريو شخص هو، جنهن کي ماڻهو زنجيرن سان ٻڌي ڪري رکندا هئا، صحابيءِ رسول رضی اللہ عنہ 3 ڏينهن صبح ۽ شام 3، 3 ڀيرا سورةِ فاتحہ پڙهي ڪري دَم ڪيو، الله پاڪ ان کي چريائپ کان شفا عطا فرمائي ڇڏي.[2]

## فاروقِ اعظم تعويذ ڏنو

قيصرِ روم (روم جو بادشاهہ) مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ کي خط لکيو تہ مونکي هميشہ مٿي جي سور جي شڪايت رهي ٿي جيڪڏهن توهان وٽ هن جي دوا هجي تہ موڪليو! حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ ان کي هڪ ٽوپي موڪلي، قيصرِ روم ان کي پائيندو هو تہ ان جي مٿي جو سور هليو ويندو هو ۽ جڏهن مٿي تان لاهيندو هو تہ مٿي جو سور ٻيهر موٽي ايندو هو. ان کي وڏو تعجب ٿيو. آخر ڪار ان ٽوپيءَ کي کوليو تہ ان ۾ هڪ ڪاغذ نڪتو جنهن تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ لکيل هئي.[3]

## نيڪ ماڻهو بہ دَم ڪندا هئا

امام شافِعي رحمۃ اللہ علیہ کي هڪ شخص پنهنجي اکين جي بيماري جي شڪايت ڪئي تہ پاڻ ان کي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان گڏ سورتِ ق جي آيت نمبر: 22

فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ ﴿۲۲﴾

---

1...بخاری،کتاب الطب،باب الرقی بفاتحۃ الکتاب،صفحہ:1450،حدیث: 5736ملخصاً۔
2...ابوداؤد،کتاب الطب،باب کیف الرقی،صفحہ:613،حدیث:،3697،3696 خلاصۃً۔
3... تفسیرِ کبیر، الباب الحادی عشر فی بعض النکت...الخ، جلد:1، صفحہ:155۔

۽ حٰمٓ اَلسَّجدة جي آيت نمبر 44:

لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّ شِفَآءٌ

لکي ڪري عطا فرمائي جنهن جي برڪت سان ان جي اها بيماري ختم ٿي وئي.[1]

## تعويذات ۾ برڪت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: بيمارين کان شفا وغيره جي لاءِ تعويذ پائڻ، ان مان فائدو وٺڻ بلڪل جائز آهي. ڪجهه روايتون آهن جن ۾ تَمائِم پائڻ کان منع ڪيو ويو آهي. ڪن ماڻهن کي اهي روايتون پڙهي ڪري غلط فهمي ٿئي ٿي. اصل ۾ تَمائِم الڳ شيءِ آهن، تعويذ الڳ شيءِ آهي. جاهليت جي دور ۾ غيرمسلم پنهنجن ڪوڙن معبودن جا نالا ۽ شرڪيہ الفاظ وغيره لکي ڪري ڳچيءَ ۾ وجهندا هئا ۽ مختلف طريقن سان استعمال ڪندا هئا. انهن کي تَمائِم چيو ويندو هو. جڏهن تہ تعويذ اهو هوندو آهي جنهن ۾ قرآني آيتون، الله پاڪ جا پاڪيزه نالا ۽ انهن جا اعداد ۽ دعائون وغيره لکيون وينديون آهن. (2) لهذا تَمائِم پائڻ يا ڪنهن بہ طرح ان جو استعمال هرگز درست نہ آهي، جڏهن تہ تعويذن جو استعمال نہ صرف جائز آهي بلڪ مستحب (يعني پسنديده) ۽ برڪت وارو ڪم آهي. (3)

## آياتِ شِفا پڙهڻ جي ترغيب

امام قُشَيري رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه کي خواب ۾ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇو پريشان آهين؟ مون عرض ڪيو: منهنجو پٽ بيمار آهي، ان جي حالت نازڪ آهي. ارشاد

1... البرهان للزركشى، النوع السابع والعشرون معرفة خواصه، جز:1، جلد:1، صفحه:285۔
2... لَمْعَاتُ الْتَّنْقِيح،كتاب اللباس، باب الخاتم، جلد:7، صفحه:390، زيرِ حديث:4397 بتصرف۔
3... مرقاة المفاتيح،كتابالطب و الروى، جلد:8، صفحه:375، زيرِ حديث:4554۔

فرمايائون: آياتِ شفا ڪان توهان جو ڌيان ڪيڏانهن آهي؟ جيئن تہ (سڄاڳ ٿي ڪري) پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ آياتِ شفا 3 ڀيرا پڙهي ڪري پنهنجي پٽ تي دَم ڪيو جنهن جي برڪت سان ان کي شفا ملي وئي.[1]

نعمتیں برکتیں بفضلِ ربّ | رحمتیں راحتیں شفائیں سب
اس سے پاتے ہیں صاحبِ ایماں | واہ کیا بات پیارے قرآں کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آياتِ شفا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** آياتِ شِفا جن جو هن واقعي ۾ ذڪر ٿيو، اهي هي آهن:

(1): سورتِ توبه جي آيت: 14 وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۴﴾

(2): سورتِ يونس جي آيت: 57 وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۷﴾

(3): سورتِ نحل جي آيت: 69 فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۶۹﴾

(4): سورتِ بني اسرائيل جي

آيت: 82 وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿۸۲﴾

(5): سورتِ شعراء جي آيت: 80 وَاِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ ﴿۸۰﴾

(6): سورتِ حٰمٓ اَلسَّجدة جي آيت: 44 قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّشِفَآءٌ ؕ

الحمد لله! قرآنِ پاڪ جي هر سورت جي پنهنجي ٿي فضيلت، خاصيت ۽ شان آهي جيڪا جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ، ڏک سور مٽائي ڪري دل ۾ خوشي

---

1... البرہان للزرکشی، النوع السابع والعشرون معرفۃ خواصہ، جز:1،جلد:1، صفحہ:285، 286۔

داخل ڪرڻ ۽ بيمارين کان شفا ڏيڻ جي لاءِ ڪافي آهي.

| | |
|---|---|
| شوق دے دے مجھے عِبادت کا | ذِکر واذکار کا تِلاوت کا |
| اَزپئے غوث وخواجہ اے رحماں | واہ کیا بات پیارے قرآں کی |

## قرآن ڪريم جي مختلف سورتن جي تاثير

اي عاشقانِ رسول! قرآن ڪريم جتان ڪان بہ پڙهو، ان جون برڪتون ئي برڪتون آهن. البتہ عالم سڳورن حديثن جي روشني ۾ ۽ پنهنجي تجربي سان قرآني سورتن جا الڳ الڳ تاثير بہ بيان فرمايا آهن، اچو! ٻڌون ٿا.

❁ سُوْرَةُ الْفَاتِحَہ 100 ڀيرا پڙهي ڪري جيڪا دُعا گهري وجي، قبول ٿيندي آهي، ❁ سُوْرَةُ الْبَقَرَہ جي تلاوت سان شيطان گهر مان ڀڄي ويندو آهي ❁ آيَةُ الْكُرسِی پڙهڻ سان محتاجي دور ٿي ويندي آهي. ❁ سُوْرَةُ الْكَهْف ڪي هميشہ پڙهڻ سان دجّال جي فتنن ڪان حفاظت ٿيندي، ❁ سُورَةُ الدُّخان پڙهڻ سان مشڪل دور ٿي ويندي آهي، ❁ سُوْرَةُ الحُجُرات جو پڙهڻ ۽ دم ڪري پيئڻ گهر ۾ خير ۽ برڪت جي لاءِ مفيد آهي، ❁ سُوْرَةُ ق پڙهڻ سان باغ ۾ ميون جي ڪثرت ٿيندي آهي، ❁ سُوْرَةُ الرَّحْمٰن 111 مرتبا پڙهڻ سان تمام مقصد پورا ٿي ويندا آهن، ❁ سُوْرَةُالْوَاقِعَہ روزانو پڙهڻ سان اُن ڪي ڪڏهن بہ فاقو نہ ٿيندو، ❁ سُوْرَةُ الْمُلْك ڪي هر رات پڙهڻ سان عذابِ قبر ڪان حفاظت ٿيندي، ❁ سُوْرَةُ الْمُزَّمِّل 111 مرتبا پڙهڻ سان هر مشڪل آسان ٿي ويندي آهي، ❁ سُوْرَةُ النّٰزِعٰت پڙهڻ سان سڪرات جي تڪليف نہ ٿيندي، ❁ سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَح ڪي جنهن مال تي پڙهيو وجي، اُن ۾ خوب برڪت ٿيندي، ❁ سُوْرَةُ التِّيْن 3 ڀيرا پڙهڻ سان اخلاق ۽ ڪردار بهترين ٿيندا آهن، ❁ سُوْرَةُ الْعَلَق ۾ جوڙن جي سور جو علاج آهي، ❁ سُوْرَةُ الْقَدْر جيڪو صبح ۽ شام

پڙهي، الله پاڪ اُن جي عزت وڌائي ڇڏيندو، ۞ سُوۡرَةُالۡبَیِّنَه ڪوڙهه ۽ يرقان جو علاج آهي، ۞ سُوۡرَةُالزِّلۡزَال چوٿائي قرآن جي برابر آهي، جنهن کي نظر لڳي هجي، اُن تي ۞ سُوۡرَةُالۡعٰدِيٰت جو دم مفيد آهي، ۞ سُوۡرَةُالۡقَارِعَه پڙهڻ سان بلائن کان حفاظت رهندي آهي، ۞ سُوۡرَةُالتَّکَاثُر کي 300 ڀيرا پڙهڻ سان تمام جلد قرض اَدا ٿي ويندو آهي، ۞ سُوۡرَةُ الۡعَصۡر پڙهڻ سان غم دور ٿي ويندو آهي، ۞ سُوۡرَةُالۡهُمَزَه ۽ سُوۡرَةُالۡفِیۡل دشمن جي شر کان حِفاظت ۽ ۞ سُوۡرَةُقُرَيۡش جان جي حِفاظت جي لاءِ مجرب آهي، ۞ سُوۡرَةُالۡمَاعُوۡن وڏي مشڪل جي وقت پڙهڻ گهڻو مفيد آهي، ۞ سُوۡرَةُالۡکَوۡثَر جي تلاوت سان بي اولاد، کي اولاد ملي ويندي آهي، ۞ سُوۡرَةُالۡکَافِرُوۡن چوٿائي قرآن جي برابر آهي، ۞ سُوۡرَةُالۡاِخۡلَاص ٽهائي قرآن جي برابر آهي، هن جا ڪيترائي فضائل آهن، ۞ سُوۡرَةُالۡفَلَق ۽ سُوۡرَةُالنَّاس سان جنن ۽ شيطانن ۽ حاسدن جي شر کان حِفاظت رهندي آهي.[1] ۞ مريض وٽ سورت مُجادَلہ پڙهڻ سان درد کان آرام ملندو آهي.[2] ۞ سورة لَيۡل پڙهي ڪري مرگهي جي مريض جي ڪن ۾ دَم ڪرڻ سان فائدو ٿيندو آهي.[3] ۞ سورة رحمٰن لکي ڪري پيئڻ تلي جي مرض ۾ مفيد آهي.[4]

| | |
|---|---|
| نعمتیں برکتیں بفضل رب | رحمتیں راحتیں شفائیں سب |
| اس سے پاتے ہیں صاحبِ ایماں | واہ کیا بات پیارے قرآں کی |

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 جنتي زيور، صفحہ:587-605 ملتقطاً۔
2 جنتي زيور، صفحہ:587-605 ملتقطاً۔
3 الدرالنظيم، صفحہ:106۔
4 الدرالنظيم، صفحہ:102۔

## شعبي روحاني علاج جو تعارف

اَلحَمدُلله! دعوت اسلامي جي شعبي روحاني علاج جي تحت ڏکايل مسلمانن جو امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه جي عطا ڪيل اوراد و وظائف ۽ تعويذات جي ذريعي مفت علاج ڪيو ويندو آهي، پڻ اِستخارو ڪرڻ جو سلسلو بہ آهي، روزانو هزارين مسلمان ان مان فائدو وٺندا آهن، اَلحَمدُلله! دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن بنام(*Online Rohani Ilaj & Istikhara*) بہ لانچ ڪئي آهي. ❁ جنهن جي ذريعي آن لائن استخارو ڪرائڻ جي سهولت بہ موجود آهي. ❁ وڌيڪ هي تہ روزانو پڙهيا ويندڙ آسان وظيفا شامل آهن ❁ پريشانين ۽ مشڪلات کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي لاءِ 40 روحاني علاج ❁ الله پاڪ جي ڪجھ صفاتي نالن مان حاصل ٿيڻ واريون برڪتون ❁ بيماري کان شفا ماڻڻ جو وظيفو وغيره هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل آهي. اوهان بہ هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ بہ فائدو کڻو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏيارو!

## تلاوت جي عادت بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ برڪتن وارو مهينو جاري آهي جنهن ۾ نيڪي ڪرڻ جو ثواب 70 ڀيرا وڌي ويندو آهي، ان ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت جي چا تہ ڳالھ آهي عام ڏينهن ۾ قرآن ڪريم جو هڪ لفظ پڙهو تہ 10 نيڪيون ملنديون آهن ۽ رمضان المبارڪ ۾ ان جو ثواب وڌي ويندو آهي. ڪاش! اسان قرآن ڪريم جي تلاوت کي پنهنجو معمول بڻايون، روايتن جي مطابق ❁ تلاوتِ قرآن افضل عبادت آهي.[1] ❁ قرآن ڪريم جو هڪ لفظ پڙهڻ تي 10 نيڪين جو ثواب ملندو آهي.[2] ❁ قرآن پڙهڻ سان رحمت لهندي آهي، ملائڪ پَرن سان سايو

---

1 ڪنز العمال، ڪتاب الاذڪار، الباب السابع فی ...الخ، جزء:1،جلد:1، صفحہ:257، حديث:2261۔

2 ترمذی، ڪتاب فضائل القرآن، باب ماجاء فی من قراء...الخ، صفحہ:676، حديث:2910۔

ڪندا ۽ سڪون نازل ٿيندو آهي.[1] ❁ جيڪو صبح جو قرآن ختم ڪري تہ شام تائين ۽ جيڪو شام جو قرآن ختم ڪري تہ صبح تائين ملائڪ ان جي لاءِ رحمت جي دعا ڪندا آهن[2]. ❁ قيامت جي ڏينهن قرآن پنهنجي پڙهڻ وارن جي شفاعت ڪندو.[3] ❁ قرآن جو قاري، قرآن ڪريم پڙهندي جنت جا درجا چڙهندو ويندو.[4] ❁ جيڪو نماز ۾ بيهي ڪري قرآن جي تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي 100 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز ۾ ويهي ڪري تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي 50 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز کان علاوه باوضو تلاوت ڪري ان جي لاءِ 25 نيڪيون آهن ۽ جيڪو بغير وضو تلاوت ڪري ان جي لاءِ 10 نيڪيون آهن.[5] ❁ قرآن جو قاري الله پاڪ جو خاص ٻانهو آهي. قرآن جو قاري اسلام جي جهنڊي کي پڪڙڻ وارو آهي. ❁ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارو عذابِ الٰهي کان محفوظ رهندو آهي. ❁ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارو ان جي برڪت سان ترقي ڪندو ۽ وڏا درجا حاصل ڪري وٺندو آهي.[6]

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت | رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی!

الله پاڪ اسان کي قرآن ڪريم سان سچي محبت نصيب فرمائي ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## خاتونِ جنت حضرت فاطم رضی اللہ عنہا جو ذڪر خير

**پيارا اسلامي ڀائرو!** 3 رمضان المبارڪ تي الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي

1 مسلم، كتاب الذكر والدعا...الخ،باب فضل الاجتماع...الخ، صفحہ:1039، حديث:2699 ماخوذاً۔
2 كنز العمال،كتاب الاذكار، الباب السابع فی ...الخ، جزء:1،جلد:1صفحہ:261، حديث:2316۔
3 مسلم،كتاب صلاة المسافرين وقصرها،باب فضل قراءة القرآن...الخ،صفحہ:290، حديث:804۔
4 ابو داود، كتاب الوتر، باب استحبا ب الترتيل فی القراء ة،صفحہ:241، حديث:1464ماخوذاً۔
5 احياء العلوم، كتاب آداب تلاوة، الباب الثانی فی ظاہر آداب ...الخ،جلد:1، صفحہ:362۔
6 كنز العمال،كتاب الاذكار، الباب السابع فی ...الخ،جزء:1،جلد:1، صفحہ:259، حديث:2289۔

مَدَني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري ڌيءَ، سيدهءِ ڪائنات، خاتونِ جنت، حضرت فاطمة الزهراء، طيّبہ، طاهره، عابده، زاهده رضی اللہ عنہا جو عرس مبارڪ آهي، اچو انهيءَ مناسبت سان سندن ڪجهه ذڪر خير ڪيون ٿا. حضرت فاطمہ رضی اللہ عنہا اسان جي آقا و موليٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيني ڪان ننڍي ۽ لاڏلي شهزادي آهي. سندن ولادت ❁ هڪ قول جي مطابق اعلان نبوت ڪان 5 سال پهريان ❁ ۽ هڪ قول جي مطابق اعلانِ نُبوت جي پهرين سال مڪي شريف ۾ ٿي.[1] سندن نالو مبارڪ ”فاطمہ“ الله پاڪ رکيو. جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: بيشڪ منهنجي ڌيءَ جو نالو الله پاڪ فاطمہ رکيو چوتہ ان کي الله پاڪ جهنم ڪان پري ڪري ڇڏيو آهي.[2] ❁ ۽ هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: ان جو نالو فاطمہ رکيو ويو چوتہ الله پاڪ ان کي ۽ ان ڪان عقيدت رکڻ وارن کي دوزخ ڪان آزاد ڪيو آهي.[3] ”بتول“ ۽ ”زهرا“ سندن مشهور لقب آهن. پاڻ مسلمانن جي چوٿين خليفي امير المومنين حضرت علي رضی اللہ عنہ جون گهر واريون ۽ جنت جي نوجوانن جي سردار حسنين ڪريمين(امامِ حسن ۽ امامِ حسين) رضی اللہ عنہما جون والده محترمہ آهن.[4]

پاڻ رضی اللہ عنہ جا فضائل تمام گهڻا آهن. اُمّ ايمن رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون: هڪ ڏينهن منجهند جي وقت مان حضرت فاطمہ رضی اللہ عنہا جي گهر ويس، دروازو بند هيو ۽ اندران چڪي هلڻ جو آواز اچي رهيو هو. مون اندر ڏٺو تہ منهنجي سامهون هي منظر هو تہ چڪي هلي رهي هئي ۽ حسنين ڪريمين (امام حسن ۽ امام حسين رضی اللہ عنہما) جو پينگهو لڏي رهيو هو، پر حضرت فاطمہ رضی اللہ عنہا چڪي جي ويجهو ئي زمين تي آرام ڪري رهيون(يعني سمهي رهيون) هيون. حضرت اُمّ اَيمن رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون: هي معاملو ڏسي ڪري مونکي ڏاڍي حيراني ٿي. مون

---

1 شَرْح الزَّرْقَانی، المقصد الثانی...الخ، الفصل الثانی فی ذکر ...الخ، جلد:4، صفحہ:331 خلاصۃً۔
2 سَبُلُ الْہُدی، ابواب فضائل آل رسول، الباب التاسع، جلد:11، صفحہ:52۔
3 کَنْزُ الْعُمَال، جزء:12،کتاب الفضائل، فضل اهل البیت، جلد:6، صفحہ:50، حدیث:34222۔
4 الاکمال فی اسماء الرجال، 718، فاطمۃ الکبری، صفحہ:87۔

نبي پاڪ صَلَّی اللہُ علَیہِ والِہٖ وسلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري پڇيو ته آخر هي مُعاملو ڇا آهي؟ ته پياري آقا، مُحَمّدِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ علَیہِ والِہٖ وسلَّم فرمايو: اي اُمِّ اَيمن! سخت گرمي آهي، رمضان آهي، فاطمه(رضی اللہ عنہا) روزو رکيو آهي، اللّٰه پاڪ فاطمه تي ننڊ غالب ڪري ڇڏي ته جيئن ڪجھ دير آرام ڪن ۽ انهن کي گرمي جي سختي محسوس نه ٿي ۽ ملائڪن کي موڪلي ڇڏيو جيڪي چڪي هلائي رهيا آهن ۽ پينگھو به لوڏي رهيا آهن.[1]

وه خاتونِ جنّت معصوم حُوریں باندیاں جن کی
مَلک جنّت سے آکر پیستے تھے چکیاں جن کی

## سيده فاطمه ۽ قرآن جي تلاوت

حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ دفعي مان پياري آقا صَلَّی اللہُ علَیہِ والِہٖ وسلَّم جي حڪم سان سيّده فاطمه رضی اللہ عنہا جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، مون ڏٺو ته حضراتِ حسنينِ ڪريمين رضی اللہ عنہما سمهي رهيا آهن. ۽ پاڻ رضی اللہ عنہا انهن کي وهڄڻو هٽي رهيون هيون ۽ زبان سان قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪري رهيون هيون، اهو ڏسي مون تي هڪ خاص رقت واري حالت طاري ٿي.[2]

## وصال مبارڪ

پاڻ رضی اللہ عنہا جو وصال سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ علَیہِ والِہٖ وسلَّم جي وصالِ ظاهري کان 6 مهينا پوءِ 3 رمضان المبارڪ 11 هجري تي ٿيو. مزارِ پاڪ جنّت البقيع ۾ آهي.[3]

پاڻ رضی اللہ عنہا جي سيرت مبارڪ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مڪتبة المدينه جي تمام پياري ڪتاب شانِ خاتونِ جنّت مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪيو. يا دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.Dawateislami.net تان

1 سفينه نوح، حصه: دوم، صفحه:35۔
2...سفينه نوح، حصه: دوم، صفحه:35۔
3...شرح الزرقانی، الفصل الثانی، جلد:4، صفحه:336۔

مفت ۾ ڈائون لوڊ ڪريو!

## اعتڪاف جا چند فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ ملڪ ۽ بيروني ملڪ هزارين مقامات تي اجتماعي اعتڪاف ڪرايو وڃي ٿو، اعتڪاف گناهن کان بچي ڪري نيڪين ۾ گذارڻ جو بهترين طريقو آهي، اوهان به پورو رمضان يا گهٽ ۾ گهٽ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪيو! اچو! اعتڪاف جي فضائل تي 3 احاديث ٻڌون ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو الله پاڪ ان جي ۽ جهنم جي درميان 3 خندقون حائل ڪري ڇڏيندو، هرخندق جي مسافت(يعني دوري) مشرق ۽ مغرب جي فاصلي کان به وڌيڪ آهي.[1] مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت عائشه صديقه، طيبه، طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي :مَنْ اِعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان گناه بخشيا ويندا.[2] هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جنهن رمضان المبارڪ ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو اهو ايئن آهي جيئن 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ ديني خدمتون انجام ڏئي رهي آهي

1...شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:فی الاعتکاف، جلد:3، صفحہ:425، حديث:3965۔

2...جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480۔

❁ دعوتِ اسلامي هينئر تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) ٺاهي چڪي آهي ❁ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (**Boys & Girls**) ڪي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 12 هزار 699 مدرسةُ المدينہ (بوائز، گرلز) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 3 لک، 73 هزار، 729 ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظران جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي (نوٽ هن رپورٽ ۾ مدرسةُ المدينہ شارٽ ٽائيم بوائز، گرلز بہ شامل آهن.) ❁ فروغِ علمِ دين (عالِم و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1500 جامعة المدينہ (**Boys & Girls**) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 1 لک، 24 هزار،7 طالب ۽ طالبات کي درس نظامي (عالم ۽ عالمہ ڪورس، مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 31 هزار، 211 عالم ۽ عالمہ ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. شرعي رهنمائي جي لاءِ دنيا ڀر ۾ 17 دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمَّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن انهن ۾ سالانہ اوسطاً تقريباً 1 لک 70 هزار سوالن جا مختلف انداز ۾ (مثال طور آمهون سامهون، فون ذريعي، واٽس ايپ، اي ميل وغيره) جواب ڏنا ويندا آهن. ۽ ❁ المدينة العلميہ (**Islamic Research Canter**) ۾ مختلف موضوعن تي 932 ديني ڪتابَ ڇپجي چڪا آهن ۽ هي سلسلو اڃان جاري آهي. الحمد لله! هن وقت مدني چينل 3 ٻولين اردو، انگلش ۽ بنگلہ ۾ هلي رهيو آهي. ويب چينل عربي چينل (**Arabic Channel**) آهي. مختلف مُلڪن جي مقامي ٻولي(**Local Language**)۾ شارٽ ڪلپس ڊبنگ (**Dubbing**) ڪري هلايا ويندا آهن. ٻارن جي لاءِ ڪِڊز مدني چينل (**Kids Madani Channel**) جي ذريعي ديني تربيت جي ڪوشش ڪئي وڃي رهي آهي.

اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، اوهان جو چندو ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي ۽

پلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪيو ويندو آهي. اللّٰه پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ توهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو توهان اللّٰه جي راهه ۾ خرچ نہ ٿا ڪريو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سڀ جو وارث اللّٰه ئي آهي.

(سيپارو: 27، سورة حديد: آيت: 10)

هن آيت جي حوالي سان تفسير صراطُ الجنان ۾ آهي: توهان ڪهڙي سبب جي ڪري اللّٰه پاڪ جي راهه ۾ خرچ نہ ڪري رهيا آهيو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سيني جو مالڪ اللّٰه پاڪ ئي آهي اهو ئي هميشہ رهڻ وارو آهي جڏهن توهان هلاڪ ٿي ويندؤ ۽ توهان جا مالَ انهيءَ جي ملڪِيت ۾ رهجي ويندا ۽ توهان کي خرچ نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ثواب بہ نہ ملندو، توهان جي لاءِ بهتر هي آهي تہ توهان پنهنجو مال اللّٰه پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيو تہ جيئن ان جي بدلي ثواب تہ ماڻي سگهو.[1]

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچّہ بچّہ یاالله! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهڻ بہ عشقِ رسول وڌائڻ جو هڪ طريقو آهي، لهٰذا عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو.

1 تفسير صراط الجنان، پاره:27، سورهٔ حديد، زيرِ آيت:10، جلد:9، صفحه:721۔

اِنْ شَآءَ اللّٰہ الکریم! دِل روشن ٿيندي، عشقِ رسول نصيب ٿيندو، محبتِ اِلٰهي نصيب ٿيندي ۽ دين ۽ دُنيا جون بي شُمار ڀلائيون هٿ اينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني مذاڪرو بہ آهي.

شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برکاتہم العالیہ هر ڇنڇر جي رات عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي براهِ راست (لائيو) سُوال جواب جو سلسلو ڪندا آهن، اوهان بہ مدني چينل تي پابندي سان مدني مذاڪرو ڏسڻ، ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيو.

## ماڊرن نوجوان جي توبہ

منڊي بهاؤ الدين (صوبہ پنجاب، پاڪستان) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان پهريان مان فيشن جي هلاڪت ڪندڙ وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. هر وقت دل و دماغ تي فيشن جو ڀوت سوار رهندو هو ۽ نيڪين کان پري دُنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي زندگي برباد ڪري رهيو هئس. هڪ ڀيري هڪ مبلغ، دعوتِ اسلامي تحت ٿيندڙ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي ڀرپور ترغيب ڏياري، پوءِ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان مون کي اعتڪاف جي سعادت ملي، اجتماعي اعتڪاف جو پُرڪيف ماحول، پُرسوز بيان، سحرو افطار جا روحاني منظر تمام سٺا لڳا، وڌيڪ ڪرم اهو جو اميرِاهلسنّت دامت برکاتہم العالیہ جي علمي ۽ روحاني ”مدني مذاڪرن“ ۽ رقت انگيز دعائن دل مان گناهن جو مير صاف ڪري ڇڏيو. منهنجي گناهن سان ڀريل انڌيري زندگي ۾ عشقِ مصطفيٰ جي روشني ڦهلجي وئي. مون پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ امير اهلسنّت دامت برکاتہم العالیہ سان بيعت جو شرف حاصل ڪيو، اَلحَمدُلِلّٰه! ڏاڙهي شريف سان چهرو سجائي ورتو، مٿي تي عمامي

جو تاج سجايو ۽ سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول اختيار ڪري ورتو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## نالو رکڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن توهان پنهنجي ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي نالن سان پڪاريا ويندؤ، تنهنڪري توهان پنهنجا سنا نالا رکو.[2]

اي عاشقانِ رسول! مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻار جو سُٺو نالو رکيو وڃي ڪافي ماڻهن جا اهڙا نالا آهن جن جي معنٰي نہ آهي يا انهن جي بُري معنٰي آهي اهڙن نالن کان بچو ❁ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ صحابہ وتابعين رَضِىَ اللهُ عَنْهُم جي نالن تي نالا رکڻ بهتر آهي، اميد آهي تہ انهن نالن جي برڪت ٻار کي حاصل ٿئي ❁ ٻار زنده پيدا ٿيو يا مُئل ان جو بدن مڪمل ٿيو هجي يا مڪمل نہ ٿيو هجي، بهرحال ان جو نالو رکيو ويندو ❁ حديث پاڪ ۾ آهي: ٻار جو نالو رکو جو الله پاڪ ان جي ذريعي توهان جي عمل جي ساهمي کي وزندار ڪندو ❁ جبريل يا ميڪائيل وغيره نالو نہ رکو ❁ يٰسين يا طٰهٰ نالو

---

1 مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

2...ابو داؤد، کتاب الادب، باب:فی تغيير الاسما، صفحه:775، حديث:4948۔

رکڻ منع آهي ۞ محمد يٰسين نالو بہ نہ رکو، ها چاهيو تہ غُلام يٰسين ۾ غُلام طٰہٰ رکو ۞ جيڪي نالا بُرا هجن انهن کي مَٽائي ڪري سُٺو نالو رکڻ گهرجي جو پنهنجي امّت سان پيار ڪرڻ وارا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُري نالي کي سُٺي نالي سان مَٽائي ڇڏيندا هئا. هڪ خاتون جو نالو عاصيہ (يعني گنهگار) هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي نالي کي مَٽائي ڪري جَميلہ رکيو ۞ اهڙا نالا رکڻ جائز ناهن جيڪي غير مسلمن جي لاءِ خاص هجن ۞ غلام رسول، غلام صديق، غلام حسين، غلام غوث، غُلام رضا نالو رکڻ جائز آهي. [1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 100 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۾ آداب“ خريد ڪيو ۾ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

رَبّ کے در پر جھکیں التجائیں کریں | بابِ رحمت کُھلیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 (550سنتیں اور آداب، صفحہ:63-68ملتقطاً)